
# فضول ڳالهائڻ کان بچو

(مترجم_ آغا عامر خان)



فضول ۽ بي مقصد ڳالهائڻ ۾ الله تعالٰي جي ياد شامل نه هوندي آهي، نه ئي وري ان جي رضا حاصل ٿيندي آهي. تنهنجي ڪري، قيمتي وقت ضائع ٿي ويندو آهي جنهن کي آخرت لاءِ نيڪي وارا عمل ڪرڻ ۾ استعمال ڪري سگهجي پيو.

اها شيطان جي سازشن مان هڪ سازش آهي ته انسانن کي الله جي ياد کان روڪي، انهن کي پنهنجي چوڌاري موجود بيشمار نشانين ۽ الله تعالٰي جي معجزن کان غافل ڪري ڇڏي ۽ انهن کي پنهنجي زندگي جي مقصد تي غور و فڪر ڪرڻ نه ڏي.

جيئن، شيون جيڪي انسانن کي مصروف رکنديون آهن اهي رانديون، ترڪيبون، ٻارن کي وڏو ڪرڻ جا مسائل ۽ اهڙي قسم جا ٻيون ڪيتريون ئي آهن.

شرح تبادله (exchange rates)، اسٽاڪ ايڪسچينج، ۽ تجارت ۽ معيشت سان متعلق موضوع ماڻهن جي دماغن تي قابض رهن ٿا.

معاشري جو هڪ ٻيو حصو جيڪو پنهنجو پاڻ کي دانشور چوندو آهي پنهنجو پاڻ کي مهذب ڏيکارڻ لاءِ وسيع بحث مباحثي ۾ شريڪ ٿيندا آهن، اهو محسوس ڪندا آهن ته انهن وڏيون مشڪلاتون حل ڪري ڇڏيون آهن، پر اهي معاشري کي ڪو به منافعو پهنچائيندا آهن.

ڪير به اهو آساني سان ڏٺي وزن تي منقعد ٿيندڙ فورمز ۾ ڏسي سگهي ٿو. شريڪ ٿيندڙ ڪنهن مسئلي تي ڪلاڪن تائين بحث ڪندا آهن صرف پنهنجي ڄاڻ ڏيکارڻ لاءِ يا ٻين کي متاثر ڪرڻ لاءِ.

ڪجھ ماڻهون انهن فورمز کي مذهب تي حملو ڪرڻ جو موقعو سمجهندا آهن ۽ سچ خلاف پنهنجي نفرت ظاهر ڪندا آهن.

الله تعالٰي اهڙي روين کي قرآن ۾ بيان ڪيو آهي

“۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو بيهوديءَ ڳالھ کي ڳنهندو آهي ته (ماڻهن کي) اڻ ڄاڻائيءَ سان الله جي واٽ کان ڀلائي، ۽ اُن (واٽ) کي ٺٺولي ڪري وٺي، اُنهن لاءِ ئي خواريءَ وارو عذاب آهي.” (سوره لقمان، 6)

جڏهن ته فضول ڳالهائڻ ڪافرن جي خصوصيت آهي ۽ ان کان بچڻ ايمان وارن جي نشاني آهي.

“۽ جڏهن ڪا بيهودي ڳالھ ٻڌندا آهن (تڏهن) اُن کان مُنهن موڙيندا آهن ۽ چوندا آهن ته اسان جا ڪم اسان لاءِ آهن ۽ اوهان جا ڪم اوهان لاءِ آهن، اوهان تي سلام هجي، اسين جاهلن (جي سنگت) کي نه ٿا گهرون.” (سورت القصص، 55)

هڪ ايمان واري کي لاعلمي، بد ڪرداري ۽ ملامت واري ڳالهائڻ کان بچڻ لاءِ هميشه ڪوشش ڪرڻ گهرجي.  ناگوار ڳالھ ٻولھ جي نا موجودگي جنت جي نعمتن مان هڪ ٻڌائي وئي آهي

“هميشه جا باغ آهن جن لاءِ الله پنهنجي ٻانهن سان پرپٺ انجام ڪيو آهي، بيشڪ سندس انجام پهچڻو آهي. اُن ۾ سلامتي کانسواءِ (ٻي) ڪا بيهودي ڳالهه نه ٻڌندا، ۽ منجهس اُنهن لاءِ صُبح ۽ سانجهيءَ جو سندين روزي آهي. ” (سوره مريم، 61_62)

https://www.harunyahya.info/sd/mdhamyn/fdhwl-alhae-kan-bchw